هفتيوار رسالو

رمضان المبارڪ 1446 هجري ۾ امير اهلِ سُنت جي قلم مان لکيل

# 30 روحاني علاج

(سنڌي)

شادي جي لاءِ غيبي اسباب

اولادِ نرينه - روزي ۾ برڪت

مُراد پوري ٿئي

جنهن مرض جو علاج نہ ملندو هجي

نظر جي حفاظت جي لاءِ

بلائن کان حفاظت




ترجمو
TRANSLATION DEPARTMENT
(DAWAT-E-ISLAMI)

شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ و مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيءَ دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَاءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو.

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **30 روحاني علاج**

تعداد: 24,000 (چوويہ هزار)

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

پهريون دفعو : ذوالقعده 1446هہ مئي 2025ع

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بـانيء دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جي قلم مان نڪتل رسالو

# 30 روحاني علاج

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

# هفتيوار رسالو مطالعو

اَلْحَمْدُلِلّٰه! اميرِ اهلِ سنت، بانيءَ دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ خليفہءِ اميرِ اهلِ سنت الحاج ابو اسيد عبيد رضا مدني مُدَّظِلُّهُ الْعَالِي جي طرفان هر هفتي هڪ رسالو پڙهڻ يا ٻڌڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي. مَاشَآءَالله! لکين اسلامي ڀائر ۽ ڀينرون هي رسالو پڙهي يا ٻڌي، اميرِ اهلِ سنت / خليفہءِ اميرِ اهلِ سنت جي دعائن مان حصو حاصل ڪندا آهن. هي رسالو آڊيو ۾ دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net يا Read and listen Islamic book ايپلي ڪيشن تان مفت ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو. هن رسالي کي ثواب جي نيت سان پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجي مرحومين جي ايصالِ ثواب جي لاءِ تقسيم بہ ڪريو.

(شعبو: هفتيوار رسالو مطالعو)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط

# 30 روحاني علاج

**دعاءِ عطار:** يَا رَبَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ **32** صفحن جو رسالو **30 روحاني علاج** پڙهي يا ٻڌي ان جون روحاني ۽ جسماني بيماريون دور فرماءِ ۽ ان جي ماءُ پيءُ سميت بي حساب بخشش فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## خيرات نہ ڪري سگهڻ واري جو درود شريف

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مسلمان وٽ صدقو ڪرڻ جي لاءِ ڪجهہ بہ نہ هجي، ان کي گهرجي تہ پنهنجين دعائن ۾ هيئنئن چوي: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَ رَسُوْلِكَ وَ صَلِّ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمٰتِ تہ اها زڪوٰة آهي ۽ مومن ڪڏهن بہ نيڪيءَ کان سير نہ ٿيندو آهي، ايستائين جو جنت هن جو ٺڪاڻو ٿي ويندي آهي.

(صحيح ابن حبان، 130/2، حديث: 900)

**شرحِ حديث:** جيڪو ماڻهو صدقو ڪرڻ جي طاقت نہ ٿو رکي، ان جو رسولِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ الله پاڪ کان رحمت جي دعا ڪرڻ يعني درود پاڪ موڪلڻ ان جي لاءِ صدقو آهي.

(السراج المنير بشرح جامع الصغير، 232/2، ماخوذاً)

قلیل روزی پہ دو قناعت فضول گوئی سے دیدو نفرت
دُرود پڑھتا رہوں بکثرت نبی رحمت شفیعِ اُمّت

(وسائلِ بخشش، ص 208)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ علٰى مُحَمَّد

## کھڙي بہ بيماري هجي، شفا ملندي

اَللّٰھُمَّ اَنْتَ الْبَاسِطُ

100 ڀيرا اول ۽ آخر ٽي دفعا درود شريف پڙهي، مريض پنهنجي دوا ۽ پاڻيءَ جي بوتل تي دم ڪري رکي ۽ ضرورت مطابق استعمال ڪري، ڪھڙي بہ بيماري هجي، اللّٰه ڪريم جي فضل سان شفا ملندي.

**نوٽ:** ضرورت مطابق دم ڪيل پاڻيءَ ۾ ٻيو پاڻي ملائيندا رهو. جيڪڏهن مريض پاڻ نہ پڙهي سگهي تہ ڪو ٻيو بہ پڙهي دوا ۽ پاڻي تي دم ڪري ڏئي سگهي ٿو.

## ٽينشن کان حفاظت

اَللّٰہُ الصَّمَدُ

100 ڀيرا هر نماز کان پوءِ پڙهڻ وارو غمن، ڏکن، پريشانين ۽ ٽينشن وغيره کان محفوظ رهندو. (اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم)

(اللّٰه پاڪ چاهي تہ فائدو ٿيندو، اهو ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي)

## نئين شهر يا نئين گهر ۾ حفاظت جي لاءِ

وَ قُلْ رَّبِّ اَنْزِلْنِیْ مُنْزَلًا مُّبٰرَكًا وَّ اَنْتَ خَیْرُ الْمُنْزِلِیْنَ

(پارو 18، اَلْمُؤْمِنُوْنَ: 29)

جيڪو بہ ڪنهن نئين شهر يا نئين جاءِ يا نئين گهر ۾ وڃي، اهو هيءَ مبارڪ آيت ٽي دفعا پڙهي، چور، ڌاڙيل، نانگ، وڇون، جنات، جادو ۽ هر قسم جي خطري کان اللّٰه جي رحمت سان محفوظ رهندو.

# شاديءَ لاءِ غيبي اسباب

يَاوَهَّابُ

**300** پيرا (اول ۽ آخر يارهن پيرا درودِ ابراهيمي) روزانو رات جو سمهڻ کان پهريان پڙهو. (جيستائين شادي نہ ٿي وجي، تيسيتائين روزانو پڙهڻو آهي)

# اولادِ نرينہ ۽ رزق ۾ برڪت

يَااَوَّلُ

40 پيرا پڙهي پاڻي يا ماکي مليل پاڻي تي دم ڪري، اڌ پاڻ پيئي ۽ اڌ پنهنجي زوجہ کي پياري. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم پٽ ٿيندو ۽ رزق ۾ بہ برڪت ٿيندي.

# مراد پوري ٿئي

يَارَحْمٰنُ

**11** پيرا (اول ۽ آخر هڪ پيرو درود شريف پڙهو) فرض يا نفلي روزو کولڻ وقت سج لهڻ کان تورو پهريان مٽي تي هٿ رکي پڙهو ۽ وقت ٿيڻ تي افطار ڪيو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم دل جي مراد پوري ٿيندي.

# دڪان سٺي نموني هلي

سُوْرَةُ الْكَوْثَر

ست پيرا (اول ۽ آخر تي پيرا درود شريف): جنهن جو دڪان نہ هلندو هجي، اهو پنهنجي دڪان تي وڃي، باوضو پڙهي پنهنجين شين تي دم ڪري. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم ڪاروبار ۾ تمام گهڻي برڪت ٿيندي.

جيستائين مقصد حاصل نہ ٿئي، هي عمل روزانو ڪندا رهو. (شروع ۾ هڪ ڀيرو اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ۽ هر ڀيري سورت شروع ڪرڻ کان پهريان بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم هڪ ڀيرو پڙهو)

## جنهن مرض جو علاج نہ ملندو هجي

يَالَطِيْفُ

**1100** ڀيرا، اول ۽ آخر يارهن ڀيرا درودِ ابراهيمي پڙهي، پاڻي تي دم ڪري مريض پيئي. ڪهڙي بہ سنگين بيماري هجي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم شفا ملندي. ٻيو بہ پڙهي پياري سگهي ٿو.

(مدت: شفا ملڻ تائين روزانو)

## نظرِ بد جو علاج

اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّامَّةِ مِنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ وَّهَامَّةٍ وَّمِنْ كُلِّ عَيْنٍ لَّامَّةٍ

ست ڀيرا، (اول ۽ آخر ٽي دفعا درود شريف) پڙهي، اڇي شيشي جي پاڻيءَ سان ڀريل گلاس ۾ دم ڪري، جنهن کي نظر لڳي هجي، ان کي پياريو. ٻار هجي يا وڏو ڪهڙي بہ نظرِ بد هجي، شفا ملندي. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم (علاج جي مدت: شفا ملڻ تائين روزانو)

نظرِ بد کان حفاظت جي لاءِ بہ هي عمل مفيد آهي.

## جيڪڏهن خارش ٺيڪ نہ ٿيندي هجي تہ !

سُوْرَةُ الْمُؤْمِنُوْن آيت نمبر **14**

ثُمَّ خَلَقْنَا النُّطْفَةَ عَلَقَةً فَخَلَقْنَا الْعَلَقَةَ مُضْغَةً فَخَلَقْنَا الْمُضْغَةَ عِظٰمًا فَكَسَوْنَا الْعِظٰمَ لَحْمًا ۗ ثُمَّ اَنْشَاْنٰهُ خَلْقًا اٰخَرَ ؕ فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ اَحْسَنُ الْخٰلِقِيْنَ ؕ ﴿۱۴﴾

**21** پيرا (اول ۽ آخر هڪ پيرو درود شريف) پڙهي يا پڙهائي پاڻي تي دم ڪري پيئو. جيتري بہ خارش هجي، اِنْ شَآءَ الله فائدو ٿيندو.

(مدت: **41** ڏينهن روزانو)

## اهڙو مرض جنهن جو علاج نہ ملندو هجي

يَاذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ

هڪ سؤ يارهن **111** پيرا (اول ۽ آخر يارهن پيرا درود پاڪ) پڙهي (يا پڙهائي) پاڻي تي دم ڪري مريض کي پياريو، ڪهڙي بہ بيماري هجي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم شفا ملندي.

(مدت: **21** ڏينهن تائين روزانو بغير وقفي جي هي عمل ڪرڻو آهي)

## اللّٰه پاڪ چاهيو تہ هر ڪم ٿي ويندو

يَااَللهُ يَارَحْمٰنُ يَارَحِيْمُ يَاحَيُّ يَاقَيُّوْمُ

عصر کان مغرب تائين گهمندي ڦرندي، اُٿندي ويهندي، ڪم ڪار ڪندي يا صرف ويني ويني ڪثرت سان پڙهندا رهو، اول، آخر ۽ وچ ۾ درودو شريف بہ پڙهندا رهو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم هر ڪم ٿي ويندو. مثال طور: ڪاروبار ۾ برڪت ٿيندي، قرض ادا ٿيندو، سٺي نوڪري ملندي، آفيسر يا سيٺ مهربان ٿيندو، خانداني جهيڙا ختم ٿيندا، پراڻا اٽڪيل ڪم ٿي ويندا، رشتي جي رڪاوٽ دور ٿيندي، بي اولادي ختم ٿيندي، قيدي کي آزادي ملندي، عبادت ۾ دل لڳندي، ويزا جو مسئلو حل ٿي ويندو، سس ۽ نُنهن جو جهيڙو ۽ طلاق جو خطرو ختم ٿي ويندو، مڙس ۽ زال جي ناراضگي ختم ٿي ويندي، ڪهڙي بہ

بيماري هجي، اها ختم ٿي ويندي، شڪ ڪرڻ ۽ وسوسن جي آفت دور ٿيندي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم

(مراد پوري ٿيڻ تائين روزانو هي عمل جاري رکو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم جلدي ترڪيب ٿي ويندي)

## غربت دور ٿئي

يَا بَاسِطُ يَا رَزَّاقُ

(اي فراخي ڪرڻ وارا، اي روزي ڏيڻ وارا)

هر نماز کان پوءِ **700** ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود پاڪ) پڙهڻ سان رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي ۽ غربت ختم ٿيندي آهي. الله ڪريم بين جي محتاجي کان بچائيندو آهي ۽ ضرورتون پوريون فرمائيندو آهي.

(روزانو پنجن ئي نمازن کان بعد پڙهندا رهو ته بهتر آهي)

## فود الرجيءَ جو روحاني علاج

بِسۡمِ اللهِ مَا شَآءَ اللهُ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ

**11** ڀيرا (اول ۽ آخر ست ڀيرا درود پاڪ) پڙهي، جيڪو کاڌو موافق نه ايندو هجي، ان تي دم ڪيو ۽ کاڌو کائڻ وقت اها ئي دعا هڪ ڀيرو پڙهو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم اهو کاڌو موافق ٿي ويندو. جيڪڏهن ڪو مشروب يعني پيئڻ واري شيءِ مثال طور: چانهه، شربت، ڪولڊ ڊرنڪ يا جوس وغيره موافق نه هجي تڏهن به ساڳيو ئي عمل ڪيو.(گِرَهه جي جاءِ تي هر ڊُڪ تي دعا پڙهڻي آهي)

## نظر جي حفاظت جي لاءِ

يَانُوْرُ

11 ڀيرا پنج ئي وقت پوري نماز پڙهڻ کان پوءِ متي تي هٿ رکي، ساهه کڻي روڪي ڇڏيو ۽ پڙهي ڪري ڏهن ئي آڱرين تي دم ڪري اکين تي ڦيرايو. هي عمل پابندي سان ڪندو رهڻ سان نظر محفوظ رهندي، جيڪڏهن ڪمزور ٿي وئي آهي تہ بهتر ٿي ويندي. اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم

## بي اولادي دور ٿئي

يَامَتِيْنُ فجر ۽ عشاء جي نماز کان پوءِ 41 ڀيرا

يَاحَمِيْدُ ظهر ۽ عصر جي نماز کان پوءِ 41 ڀيرا

يَاحَيُّ يَاقَيُّوْمُ مغرب جي نماز کان پوءِ 41 ڀيرا پڙهو. جيڪڏهن نياڻي جي خواهش هوندي تہ نياڻي ۽ جيڪڏهن پٽ جي خواهش هوندي تہ پٽ پيدا ٿيندو. اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم

(مراد پوري ٿيڻ تائين هي عمل جاري رکڻو آهي، هر بار اول ۽ آخر هڪ دفعو درود پاڪ پڙهو)

## گناهن جو روحاني علاج

يَامَانِعُ يَامُعْطِي

7 ڀيرا روزانو هر نماز کان پوءِ پڙهو، گناهن جي عادت دور ٿي ويندي. اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم. جڏهن گناهه ڪرڻ تي دل چاهي تہ فوراً پڙهڻ شروع ڪريو، بار بار پڙهڻ سان اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم گناهه جو ارادو ختم ٿي ويندو.

گهمندي قرندي، اٿندي ويهندي با وضو يا بي وضو پڙهڻ وارو اللہ پاڪ جي انهن مبارڪ نالن جي برڪت سان نيڪ ٿي ويندو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم

## بواسير جو روحاني علاج

سُوْرَةُ الْاَعْلٰى (سيپارو: 30، ٽوٽل آيتون: 19)

روزانو پڙهي (يا پڙهائي) پاڻي تي دم ڪري پيئڻ سان، بواسير (خوني هجي يا بادي) کان شفا حاصل ٿيندي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم

## بلڊ پريشر هجي يا شگر

سُوْرَةُ قَدْرٍ ۽ سُوْرَةُ كَوْثَرٍ

ٽي ٽي ڀيرا پڙهي (يا پڙهائي) پيئو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم بلڊ پريشر هجي يا شگر، توهان نارمل ٿي ويندا.

(علاج جي مدت: شفا ملڻ تائين روزانو هڪ ڀيرو)

## ڪنهن به ڪم ۾ ناڪامي کان بچڻ لاءِ

يَاحَيُّ يَاقَيُّوْمُ

**111** ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ دفعو درود شريف) پڙهي دعا گهرو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم ڪاميابي حاصل ٿيندي. (مثال طور: حفظِ قرآن، جائز امتحان، درسِ نظامي، نيڪ رشتو، انٽرويو، ڪا شيءِ وڪرو نه ٿي رهي هجي، نئون ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ ۽ ٻين جائز مرادن لاءِ هي عمل مفيد آهي. (اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم)

# امتحان ۾ ڪاميابي جي لاءِ

سُوْرَةُ الْاِخْلَاص

**16** ڀيرا (اول ۽ آخرهڪ ڀيرو درود شريف) روزانو هر نماز ڪان پوءِ با وضو پڙهي دعا ڪيو. هي عمل نوڪري يا ملڪ ڪان ٻاهر وڃڻ جي انٽرويو ۾ ڪاميابي جي لاءِ بہ مفيد آهي، پر شرط اهو آهي تہ شريعت جي خلاف ورزي يا ڪوڙ نہ هجي.

(مدت: ڪم پورو ٿيڻ تائين)

# جيڪڏهن ڪو تنگ ڪري رهيو هجي تہ!

فَسَيَكْفِيْكَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَهُوَالسَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ؕ (سيپارو: 1، البقرة: 137)

روزانو صبح ۽ شام[1] 100 ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود پاڪ) پڙهو. جيڪڏهن مڙس ظلم ڪري رهيو آهي يا طلاق جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي تہ زال پڙهي،[2] يا ڪو آفيسر، سيٺ يا دشمن تنگ ڪري رهيو آهي تہ پڙهڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم بهترين نتيجا سامهون ايندا. (مراد پوري ٿيڻ تائين روزانو پڙهو)

# گهر ۾ جهيڙا ٿيندا هجن تہ!

يَاوَدُوْدُ يَاسَلَامُ

هر نماز ڪان پوءِ 100 ڀيرا روزانو پڙهو. اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم گهر ۾ محبت واري فِضا قائم ٿيندي.

(اول ۽ آخر هڪ دفعو درود پاڪ پڙهڻو آهي، مراد حاصل ٿيڻ تائين وظيفو جاري رکڻو آهي)

---

[1] اوراد پڙهڻ جي لاءِ: اڌ رات ڪان فوراً بعد سج جي پهرين ڪرڻي چمڪڻ تائين صبح آهي ۽ ظهر جو وقت شروع ٿيڻ ڪان سج لهڻ تائين شام آهي.

[2] عورت مخصوص يعني حيض جي ڏينهن ۾ نہ پڙهي

## جانور کي نظرِ بد کان بچائڻ جي لاءِ

يَااَللّٰهُ

**49** ڀيرا پڙهي جانور (خاص طور قربانيءَ جي خوبصورت جانورن جهڙوڪ: ڳئون، ٻڪري، مينهن وغيره) تي دم ڪيو. اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم نظر نہ لڳندي.

## هر مشڪل جي حل جو وظيفو

حٰمٓ، لَايُنْصَرُوْنَ

**41** ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود پاڪ) شاديءَ ۾ رڪاوٽ، گهريلو جهڳڙن، جادو، جنات جي اثرن، ڪينسر ۽ ٻين موذي بيمارين جي علاج لاءِ ۽ طرح طرح جي پريشانين کان بچڻ جي لاءِ روزانو ڪنهن بہ وقت پڙهو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم بهترين نتيجا ملڻ شروع ٿي ويندا.

(مراد پوري ٿيڻ تائين روزانو پڙهڻوآهي)

## جيڪو بيمار هجي

يَاحَيُّ

**1000** ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود پاڪ) پڙهو، اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم صحتيابي نصيب ٿيندي.

(شفا ملڻ تائين روزانو پڙهڻو آهي)

## جڏهن ڪا شيءِ غمگين ڪري رهي هجي ته

الله پاڪ جا سيني ڪان آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هيءَ دعا پڙهندا هئا: يَاحَيُّ يَاقَيُّوْمُ بِرَحْمَتِكَ اَسْتَغِيْثُ (يعني: اي هميشه زنده رهڻ وارا! اي هميشه قائم رکڻ وارا! مان تنهنجي رحمت ڪان مدد گهران ٿو)

(ترمذي، 311/5، حديث: 3535)

رنج ۽ غم دور ڪرڻ جي لاءِ فجر جي سنت ۽ فرض جي وچ ۾ 40 ڀيرا پڙهڻ مفيد آهي ۽ مقروض روزانو ڪنهن به وقت ڏينهن ۾ 100 ڀيرا پڙهي ته قرض ڪان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم

## هر آفت ڪان حفاظت

يَامُهَيْمِنُ

29 ڀيرا روزانو پڙهڻ وارو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم هر آفت ۽ مصيبت ڪان محفوظ رهندو.

## بلائن ڪان حفاظت

يَااَللهُ

100ڀيرا سمهڻ وقت پڙهڻ سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم شرير جنن جي شرارت، فالج ۽ لقوي جي آفت ڪان حفاظت ٿيندي.

## گردي مان پٿري نڪري ويندي (اِنْ شَآءَ الله)

اَعُوْذُ ۽ بِسْمِ الله سان گڏ هڪ ڀيرو سُوْرَةُ اَلَمْ نَشْرَحْ پڙهي پاڻي تي دم ڪري پيئو. روزانو هڪ ڀيرو هي عمل ڪرڻو آهي، ٻيو به دم ڪري ڏئي سگهي ٿو.

(علاج جي مدت: شفا ملڻ تائين)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

# اللّٰه! عطا سيني، بيمارن کي صحت ملي

## (دعائيہ ڪلام)

اللّٰہ عطا سارے، بیماروں کو صحت ہو دُکھ درد کے ماروں کو سُکھ چین عنایت ہو
صدقے میں مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کے، دُکھیارے غریبوں کو روزی بکفایت دے، برکت بھی عنایت ہو
اللّٰہ! کرم فرما، سادات کے صدقے میں ہو ختم یہ مہنگائی، حاصل ہمیں راحت ہو
اللّٰہ! نکل جائے، دولت کی ہوس[2] دل سے رحمت سے عنایت اے، اللّٰہ! قناعت[3] ہو
جو قرض کی آفت میں، بے چارے پھنسے ہیں اُن کو غوث کے صدقے میں، چھٹکارا عنایت ہو
سُلطانِ مدینہ کے، صدقے میں عطا یارب! غمگین کو خوشیاں اور، دُکھیاروں کو راحت ہو
بے چارے جو دُکھیارے، بچوں کو ترستے ہیں ان سب کو عطا یارب! اولاد کی نعمت ہو
اللّٰہ! ماں باپ کی نافرمان، اولاد ہے جو حاصل اُنہیں رَحمت سے، توفیقِ اطاعت[4] ہو
جھگڑے ہیں لڑائی ہے، گھر گھر میں تباہی ہے مِل جُل کے رہیں سارے، یہ لُطف و عنایت ہو
ہر ایک نمازی ہو، اور عاملِ سُنّت[5] بھی اور حج بھی کرے اُس کو، طیبہ کی زیارت ہو
یاربِّ مُحَمَّد! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو، نرغے[6] میں عَدُو[7] کے ہے اُس بے بس و ناچار و بے کس کی حمایت ہو
ہر سمت اندھیرا ہے، اور ظلم کا ڈھیرا ہے ظالم کو ہدایت دے، مظلوم کو راحت ہو
اللّٰہ! مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کی، خوابوں میں زیارت ہو حَسنین کے صدقے میں، ایسا ہو کرم ہم پر
مولیٰ! یوں مدینے کی، داخل ہوں فضاؤں میں اَشک آنکھ سے جاری ہوں، اور قلب میں رِقّت ہو
جلوہ ہو مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کا، اور وِردِ زباں کلمہ ہونٹوں پہ تبسُّم ہو، اے کاش! یوں رُحلت[8] ہو
عطّار پہ رحمت ہو، اَصحاب کے صدقے میں آزاد ہو دوزخ سے، اور داخلِ جنّت ہو

---

1. ضرورت جي مطابق۔ 2. لالچ۔ 3. جيڪو ملي ان تي راضي رهڻ، 4. فرمانبرداري۔ 5. سنت تي عمل ڪرڻ وارو، 6. گهيرو 7. دشمن 8. انتقال۔

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فيضان مدينہ، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net